

# مدني وصيت نامو

## (۽ ڪفن دفن جا احڪام)




شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

**محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برڪاتهم العاليه

شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# مدني وصيت نامو

## (۽ ڪفن دفن جا احڪام)

**ترجمو پيشڪش**

مجلسِ تراجم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)**

**عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران**

**پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**فون نمبر: 021-34921389-90-91**

***E-mail: translation@dawateislami.net***

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# مدني وصيت نامو

## (۽ ڪفن دفن جا احڪام)

شيطان ڪيتري به سستي ڏياري پر هي رسالو مڪمل پڙهو، اِن شآءَالله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي دل ۾ رقت ۽ هلچل محسوس ڪندؤ.

## درود شريف جي فضيلت

نبيّن جي سلطان، رَحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ”مون تي درود شريف پڙهو، **الله** عَزَّوَجَلَّ توهان تي رحمت موڪليندو.“ (الڪامل لابن عدي ج 5 ص 505)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ علي اِحْسَانِهٖ! هن وقت فجر جي نماز ڪان پوءِ مسجد نبوي شريف علي صاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلام ۾ ”اَرْبَعِيْنَ وَصَايَا مِنَ الْمَدِيْنَةِ الْمُنَوَّرَه“ (يعني مديني منوره ڪان چاليهه وصيتون) لکڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. آهہ! صد آهہ!

اڄ منهنجي مديني منوّره زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعْظِيْمًا جي حاضري جي آخري صبح آهي، سڄ محبوب ڪريمن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ روضي تي سلام عرض ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيڻ وارو آهي، آهہ! اڄ رات تائين جيڪڏهن جنّتُ البقيع ۾ مَدفن ملڻ جي سعادت نہ ملي تہ مديني ڪان جدا ٿيڻو پئجي ويندو، اک اشڪبار آهي، دل بيقرار آهي هاءِ!

افسوس چند گھڑیاں طیبہ کی رہ گئی ہیں
دل میں جدائی کا غم طوفاں مچا رہا ہے

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنھن مون تي ڏھ ڀيرا درود پاڪ پڙھيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.** (طبراني)

آھ! دل غمگين آھي، مديني ڪان جدائي جي جان سوز فڪر مون کي سراپا تصويرِ غم بڻائي ڇڏيو آھي، ائين ٿو لڳي ڄڻ ڪنھن چپن تان مُرڪ کسي ورتي ھجي، آھ! عنقريب مديني ڪان جدا ٿيڻو پوندو، دل ٽٽي پوندي، آھ! مديني ڪان وطن ڏانھن روانگي جون گھڙيون اھڙيون جان جلائيندڙ ھونديون آھن جو ڄڻ ڪنھن ڪير پياڪ ٻارڙي کي سندس ماءُ جي ھنج مان کسيو ويو ھجي ۽ اھو روئندو وڏي حسرت منجھان ھر ھر مڙي پنھنجي ماءُ ڏانھن ڏسندو ھجي تہ شايد امڙ ھڪ ڀيرو ٻيھر گھرائيندي ..... ۽ شفقت وچان ھنج ۾ لڪائيندي ...... پنھنجي سيني سان لڳائيندي ..... مون کي لولي ڏئي پنھنجي شفقت ڀري ھنج ۾ مٺي ننڊ سمھاريندي ..... آھ!

مَیں شِکَستہ دِل لئے بوجھل قدم رکھتا ہوا
چَل پڑا ہوں یا شَہَنْشاہِ مدینہ الوَداع

ھاڻي غمگين دل سان "**چاليھہ وصيتون**" عرض ڪيان ٿو، منھنجون ھي وصيتون دعوت اسلامي سان وابستہ تمام اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن ڏانھن بہ آھن ۽ منھنجو اولاد ۽ ٻيا گھر وارا بہ ھنن وصيتن تي ضرور ڌيان ڏين.

زھي قسمت! مون پاپي ۽ بدڪار کي مديني پُراَنوار ۾، اھو بہ سبز سبز گنبذ جي ڇانوَ ۾ اي ڪاش! سرڪارِ نامدار، شھنشاھِ اَبرار، شفيع روزشمار، **محبوبِ پروردگار، احمد مختار** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي جلوَن ۾ شھادت نصيب ٿي وڃي ۽ جنّتُ البَقِيع ۾ بہ گز زمين

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

جي سعادت ملي وڃي جيڪڏهن ائين ٿي وڃي ته ٻنهي جهانن جون سعادتون ئي سعادتون آهن، آهه! نه ته جتي مقدّر .........

﴿1﴾ جيڪڏهن سڪرات جي حالت ۾ ڏسو ته ان وقت جو هر ڪم سنّت جي مطابق ڪيو، ٿي سگهي ته ساڄي پاسي ليٽائي، چهرو قبلي ڏانهن ڪيو، ياسين شريف جي به تلاوت ڪيو ۽ دم سيني تي اچڻ تائين ڪلمو طيّب مسلسل ڏاديان پڙهيو وڃي.

﴿2﴾ روح نڪرڻ ڪان پوءِ هر معاملي ۾ سنّتن جو لحاظ رکو، مثلاً ڪفن دفن ۾ جلدي ڪريو، گهٽ ماڻهن ڪي گڏ ڪرڻ جي شوق ۾ دير ڪرڻ سنّت ناهي. بهار شريعت حصي 4 ۾ بيان ڪيل احڪامن تي عمل ڪيو وڃي، خاص ڪري تاڪيد اشدّ تاڪيد هرگز نوحو (روڄ راڙو) نه ڪيو وڃي ڇوته اهو حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

﴿3﴾ قبر جي سائيز وغيره سنّت جي مطابق هجي ۽ لحد ناهي وڃي ڇاڪاڻ ته لحد ناهڻ سنّت آهي.[1]

﴿4﴾ قبر اندر پٽيون ڪچي مٽي جون هجن، باهه جون پڪل سرون استعمال نه ڪيون وڃن، جيڪڏهن اندر پڪل سرن جون پٽيون ضروري هجن ته پوءِ اندرئين حصي ڪي مٽي جي گاري سان چڱي طرح ليپو ڏنو وڃي.

مـــــــــدينـــه

(1) قبر جا ٻه قسم آهن (1) صندوق (2) لحد: لحد ٺاهڻ جو طريقو هي آهي ته قبر کوٽڻ کان پوءِ ميّت کي رکڻ لاءِ قبلي واري پاسي جڳهه کوٽي وڃي. لحد سنّت آهي جيڪڏهن زمين ان قابل هجي ته ائين ڪيو ۽ جيڪڏهن زمين نرم هجي ته پوءِ صندوق ۾ حرج ناهي. ٿي سگهي ٿو ته قبر کوٽيندڙ وغيره مشورو ڏئي ته سليب اندرئين حصي ۾ ٽيڙو ڪري لڳايو پر انهن جي ڳالهه نه مڃي وڃي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچندو آهي. (طبراني)

﴿5﴾ ممڪن هجي تہ اندروني تختن تي ياسين شريف، سورةُ المُلڪ ۽ درود تاج پڙهي دم ڪيو وڃي.

﴿6﴾ سنّت مطابق ڪفن خود سگِ مدينہ عُفِيَ عنه جي پيسن مان هجي، غربت واري حالت ۾ ڪنهن صحيح العقيده سُنّي جي حلال مال مان ورتو وڃي.

﴿7﴾ غسل ڏاڙهي وارو، عمامي وارو ۽ سنّت جو پابند اسلامي ڀاءُ سنّت جي مطابق ڏئي (سيّد سڳورا جيڪڏهن گندي وجود کي غسل ڏين تہ سگِ مدينہ عُفِيَ عنه ان کي پنهنجي لاءِ بي ادبي تصوّر ڪري ٿو)

﴿8﴾ غسل جي دؤران ستر عورت (يعني اوگهڙ) جي مڪمل حفاظت ڪئي وڃي جيڪڏهن ڌُن ڪان وٺي گوڏن سميت ناسي يا ڪنهن گهري رنگ جون ٻہ ٿلهيون چادرون ڍڪيون وڃن تہ غالباً اوگهڙ ظاهر ٿيڻ جو احتمال نہ رهندو، باقي پاڻي جسم جي هر حصي تي وهائڻ لازمي آهي.

﴿9﴾ ڪفن جيڪڏهن آب زم زم يا مديني شريف جي پاڻي، بلڪ ٻنهي سان پڳل هجي تہ سعادت آهي ڪاش! ڪو سيّد سڳورو منهنجي مٿي تي سائو عمامو شريف سجائي.[1]

﴿10﴾ غسل ڏيڻ ڪان پوءِ ڪفن ۾ چهرو لڪائڻ ڪان اڳ پهريان پيشاني تي شهادت واري آڱر سان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ لکو.

﴿11﴾ اهڙي طرح سيني تي لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مــــدينــــه

(1) رڳو عالمن ۽ مشائخن کي باعمامہ دفن ڪري سگهجي ٿو، عام ماڻهن جي ميت کي عمامي سان دفنائڻ منع آهي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي درودشريف جي ڪثرت ڪريو، بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** (ابو يعلیٰ)

**﴿12﴾** دل واري جڳهه تي يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**﴿13﴾** ڪفن جي ڏُن ۽ سيني جي وچ واري حصي تي يا غوثِ اعظم دستگير رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ يا امام ابوحَنِيفه رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ يا امام احمد رضا رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ يا شيخ ضِياءُ الدّين رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ شهادت واري آڱر سان لکو.

**﴿14﴾** ڏُن جي مٿان ڪان وني مٿي تائين ڪفن جي سڄي حصي تي (پٺي ڪان علاوه) "مدينہ مدينہ" لکيو وڃي، ياد رکو! اهي سڀ مس سان نہ فقط شهادت واري آڱر سان ۽ زهي قسمت! ڪو سيّد سڳورو لکي.

**﴿15﴾** ٻنهي اکين تي مديني شريف جي کجي جون ککڙيون رکيون وڃن.

**﴿16﴾** جنازو کڻي هلڻ وقت بہ سيني سنّتن جو لحاظ رکيو وڃي.

**﴿17﴾** جنازي جي جلوس ۾ سيئي اسلامي ڀائر گڏجي امامِ اهلسنّت رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو نَعتِيَہ قصيدو "کعبے کے بدرُ الدجےٰ تم پہ کروڑوں درود" پڙهن (ان کان علاوه ٻيون نعتون وغيره بہ پڙهو پر فقط علماءِ اهلسنّت جو ئي ڪلام پڙهيو وڃي)

**﴿18﴾** جنازو ڪو صحيحُ العقيده باعمل سُنّي عالم يا ڪو سنّتن جو پابند اسلامي ڀاءُ يا اولاد مان ڪو اهل هجي تہ اهو پڙهائي پر خواهش آهي تہ سيّدن سڳورن کي ترجيح ڏني وڃي.

**﴿19﴾** زهي قسمت! سيّد سڳورا پنهنجن رحمت ڀريي هٿن سان قبر ۾ لاهي اَرحَمُ الرّٰحِمِين جي حوالي ڪري.

**﴿20﴾** ڇهري واري پاسي کان قبر جي ڀت ۾ نندو جارو ٺاهي ان ۾ ڪنهن سنّت جي پابند اسلامي ڀاءُ جي هٿ جو لکيل عهدنامو، نعلين شريف جو نقشو، سبز گنبد شريف جو نقشو، شجرو شريف، نقشِ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

هرڪاره وغيره تَبَرُّڪات رکو.

﴿21﴾ جيڪڏهن جنّتُ البَقِيع ۾ جڳهه ملي ته زهي قسمت! نه ته ڪنهن وليّ الله جي قُرب ۾، ۽ ائين نه ٿي سگهي ته جتي اسلامي ڀائر چاهن دفن ڪن پر قبضي ڪيل جاءِ تي دفن نه ڪيو وڃي جو ان جاءِ تي دفن ڪرڻ حرام آهي.

﴿22﴾ قبر تي اَذان ڏيو.

﴿23﴾ زهي قسمت! ڪو سيّد سڳورو تلقين فرمائي.[1]

﴿24﴾ ٿي سگهي ته مون سان محبت رکڻ وارا منهنجي تدفين ڪانپوءِ

مـــــــــــــــــــــــدينـــه

[1] **تلقين جي فضيلت:** نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي جڏهن توهان جو ڪو مسلمان ڀاءُ مري ۽ ان کي دفن ڪري چڪؤ ته توهان مان هڪ شخص قبر جي سيراندي کان بيهي ڪري چوي اي فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جا اهو ٻڌندو ۽ جواب نه ڏيندو پوءِ چوي اي فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جا اهو سڌو ٿي ويهي رهندو پوءِ چوي اي فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جا اهو چوندو: "اسان کي ارشاد ڪر، الله عَزَّوَجَلَّ توتي رحم فرمائي" پر توهان کي ان جي آواز جي خبر ناهي پوندي. پوءِ چوي: اُذْكُرْ مَاخَرَجْتَ عَلَيْهِ مِنَ الدُّنْيَا: شَهَادَةَ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم وَاَنَّكَ رَضِيْتَ بِاللّٰهِ رَبًّا وَّبِالْاِسْلَامِ دِيْنًا وَّبِمُحَمَّدٍ (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّم) نَبِيًّا وَّ بِالْقُرْاٰنِ اِمَامًا. ترجمو: تون ان کي ياد ڪر جنهن تي تون دنيا مان نڪتين يعني اها گواهي ته الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪو معبود ناهي ۽ محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جا ٻانها ۽ رسول آهن ۽ اهو ته تون الله عَزَّوَجَلَّ جي ربّ ۽ اسلام جي دين ۽ محمد صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نبي ۽ قرآن جي امام هئڻ تي راضي هئين، منڪر نڪير هڪ ٻئي جو هٿ وٺي چوندا هلو اسان ان وٽ ڇو ويهون جنهن کي ماڻهو ان جي حجّت (دليل) سيکاري چڪا. ان تي ڪنهن سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو: جيڪڏهن ان جي ماءُ جو نالو معلوم نه هجي؟ فرمايائون ته حوا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا ڏانهن نسبت ڪري. (طبراني ڪبير ج 8 ص 250 حديث 7979) ياد رهي! فلاڻا پٽ فلاڻيءَ جي بدران ميّت ۽ ان جي ماءُ جو نالو وٺي، مثال طور يا محمد الياس بن امينه، جيڪڏهن ميّت جي ماءُ جو نالو معلوم نه هجي ته ماءُ جي نالي بدران حوا رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهَا جو نالو وٺي تلقين صرف عربي ۾ ڪريو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن ان کي منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

12 ڏينهن تائين اهو نہ ٿي سگهي تہ گهٽ ۾ گهٽ 12 ڪلاڪ ئي سهي منهنجي قبر تي حلقو ڪري ويهن ۽ ذڪر و درود ۽ تلاوت و نعت سان منهنجي دل وندرائيندا رهن، اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ نئين جڳهہ ۾ دل لڳي ئي ويندي، ان دؤران بہ ۽ هميشہ جماعت سان نماز ادا ڪرڻ جي پابندي ڪريو.

﴿25﴾ مون تي جيڪڏهن ڪنهن جو قرض وغيره هجي تہ منهنجي مال مان ۽ جيڪڏهن مال نہ هجي تہ درخواست آهي تہ منهنجو اولاد جيڪڏهن زنده آهي تہ اهو يا ڪو ٻيو اسلامي ڀاءُ احسان ڪندي پنهنجي ڪيسي مان ادا ڪري، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اجر عظيم عطا فرمائيندو. (مختلف اجتماعن ۾ اعلان ڪرايو ويجي تہ جنهن جي بہ دل آزاري يا حق تلفي ٿي هجي اهو محمد الياس قادري کي معاف ڪري جيڪڏهن قرض وغيره آهي تہ فوراً وارثن ڏانهن رجوع ڪيو يا معاف ڪري ڇڏيو)

﴿26﴾ مون لاءِ ڪثرت سان ايصالِ ثواب ۽ بخشش جي دعا ڪندا رهندا تہ توهان جو عظيم احسان ٿيندو.

﴿27﴾ سڀ جا سڀ مَسلڪِ اعليٰ حضرت يعني مذهبِ اهلسنّت تي امام اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن جي صحيح اسلامي تعليمات جي مطابق قائم رهو.

﴿28﴾ بدمذهبن جي صحبت کان بلڪل پري رهو جو انهن جي صحبت خاتمہ بالخير ۾ وڏي رڪاوٽ ۽ آخرت جي بربادي جو سبب آهي.

﴿29﴾ تاجدار مدينہ، راحت قلب و سينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي محبّت ۽ سنّت تي مضبوطي سان قائم رهو.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو ملائڪ ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

﴿30﴾ پنج وقتي نماز، روزا، زڪوٰة، حج وغيره فرضن (۽ ٻين واجبن ۽ سنّتن) جي معاملي ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي نه ڪيو.

﴿31﴾ **وصيّت اهم وصيّت:** دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ سان هر وقت وفادار رهو، ان جي هر رڪن ۽ پنهنجي هر نگران جي هر ان حڪم جي اطاعت ڪيو جيڪو شريعت جي مطابق هجي، شوريٰ يا دعوت اسلامي جي ڪنهن به ذميدار جي بنا شرعي اجازت مخالفت ڪرڻ واري کان مان بيزار آهيان، چاهي منهنجو ڪيترو به ويجهو عزيز هجي.

﴿32﴾ هر اسلامي ڀاءُ هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيري علاقائي دورو براءِ نيڪي جي دعوت ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪري ۽ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ 3 ڏينهن، 12 مهينن ۾ 30 ڏينهن ۽ سڄي زندگي ۾ يَڪمُشت (يعني لڳاتار) گهٽ ۾ گهٽ 12 مهينن لاءِ مدني قافلي ۾ سفر ڪي يقيني بڻائي. هر اسلامي ڀاءُ ۽ هر اسلامي ڀيڻ پنهنجي ڪردار جي اصلاح تي اِسَتِقامت حاصل ڪرڻ لاءِ روزانو فڪر مدينه ڪري مدني انعامات جو رسالو ڀري، هر مدني مهيني پنهنجي ذميدار وٽ جمع ڪرائي.

﴿33﴾ تاجدار مدينه، سُرور قلب و سينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبّت ۽ سنّت جو پيغام دنيا ۾ عام ڪندا رهو.

﴿34﴾ بدعقيدگين، بد اعمالين ۽ دنيا جي اجائي محبت، حرام مال ۽ ناجائز فيشن وغيره جي خلاف پنهنجي جدوجهد جاري رکو. حُسن اخلاق ۽ مٺي مدني انداز سان نيڪي جي دعوت جون ڌومون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي درود شريف پڙهندو آءٌ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

مچائيندا رهو.

﴿35﴾ ڪاوڙ ۽ چيڙاڪ طبيعت ڪان پاسو ڪريو نہ تہ دين جو ڪم ڏکيو ٿي ويندو.

﴿36﴾ منهنجن ڪتابن ۽ بيانن جي ڪيسٽن مان منهنجن وارثن کي دنيا جي دولت ڪمائڻ ڪان بچڻ جي مدني التجا آهي.

﴿37﴾ منهنجي وِرثي (چڏيل ملڪيت وغيره) جي معاملي ۾ شريعت جي حڪم تي عمل ڪيو وڃي.

﴿38﴾ مون کي جيڪو گار ڏئي، گهٽ وڌ ڳالهائي، زخمي ڪري يا ڪنهن بہ طرح سان دل آزاري جو سبب بڻجي مان ان کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي رضا لاءِ اڳواٽ ئي معاف ڪري چڪو آهيان.

﴿39﴾ مون کي ڏکوئڻ وارن ڪان ڪو بدلو نہ وٺي.

﴿40﴾ بالفرض مون کي ڪو شهيد ڪري ڇڏي تہ منهنجي طرفان ان کي منهنجا حق معاف آهن. وارثن کي بہ درخواست آهي تہ ان کي پنهنجو حق معاف ڪري ڇڏين، جيڪڏهن سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت جي صدقي قيامت جي ڏينهن خصوصي ڪرم ٿي ويو تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي قاتل يعني مان پنهنجي شهيد ڪرڻ واري کي بہ جنّت ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ويندس پر شرط اهو آهي جو ان جو خاتمو ايمان تي ٿيو هجي. (جيڪڏهن مان شهيد ٿي وڃان تہ ان لاءِ ڪنهن بہ قسم جا هنگاما ۽ هڙتالون نہ ڪيون وڃن، جيڪڏهن "هڙتال" ان جو نالو آهي تہ ڪاروبار زبردستي بند ڪرايو وڃي، دڪانن ۽ گاڏين تي پٿراءُ وغيره ڪيو وڃي تہ ٻانهن جي اهڙين حق تلفين کي ڪوبہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعي جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهہ معاف ٿيندا. (كنزالعمال)

مفتيءِ اسلام جائز نہ ٿو چئي سگهي، اهڙي قسم جي هڙتال حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي)

ڪاش! گناهن کي بخشڻ وارو خداءِ غفار عَزَّوَجَلَّ مون گنهگار کي پنهنجي پياري محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي معاف فرمائي. اي منهنجا پيارا پيارا **الله** عَزَّوَجَلَّ! جيستائين مان زندهہ رهان عشقِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ گم رهان، ذڪرِ مدينہ ڪندو رهان، نيڪي جي دعوت جي لاءِ ڪوشش ڪندو رهان، محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي شفاعت نصيب ٿئي ۽ بي حساب بخشيو وڃان. جنّتُ الفردوس ۾ پياري حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿئي. آهہ! ڪاش! هر وقت محبوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي نظاري ۾ گم رهان، اي **الله** عَزَّوَجَلَّ پنهنجي حبيب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي بيشمار درود ۽ سلام موڪل ۽ سندن جي سموري اُمت جي مغفرت فرماءِ.

اٰمين بجاهِ النَّبي الاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

یا الٰہی! جب رضؔا خوابِ گراں سے سر اُٹھائے
دولتِ بیدارِ عشقِ مصطفٰے کا ساتھ ہو

”**مدني وصيت نامو**“ پهريون ڀيرو محرم الحرام 1411ھ بمطابق 1990ع مديني پاڪ کان جاري ڪيو هو وري ڪڏهن ڪڏهن معمولي ترميم ڪئي وئي هئي، هاڻي وڏيڪ ڪجهہ تبديلي سان حاضر ڪيو آهي.

## وصيت باعثِ مغفرت

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جن جو فرمان آهي جنهن جو موت وصيت تي ٿيو (يعني جيڪو وصيت ڪرڻ کان پوءِ فوت ٿيو) اهو عظيم سنّت تي مئو ۽ ان جو موت تقويٰ ۽ شهادت تي ٿيو ۽ ان حالت ۾ مئو جو ان جي بخشش ٿي وئي.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ماڻهن مان اهو ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب و ترهيب)

# ڪفن دفن جو طريقو

## مرد جو سنت مطابق ڪفن

﴿1﴾ لفافو ﴿2﴾ اِزار ﴿3﴾ قميص

## عورت جو سنت مطابق ڪفن

ٿي مٿي ذڪر ڪيل ۽ وڌيڪ بہ هي ﴿4﴾ ڇاتي بند رکڻ لاءِ ڪپڙو ﴿5﴾ پوتي. ڪدڙي کي بہ عورتن وانگر پنجن ڪپڙن ۾ ڪفن ڏنو وڃي پر ان کي ڪُسم يا زُعفران جو رنگيل ۽ ريشمي ڪفن ناجائز آهي. (ملخص از بهار شريعت ج 1 ص 817، 819، عالمگيري ج 1 ص 160، 161)

## ڪفن جو تفصيل

﴿1﴾ **لفافو** (يعني چادر) ميّت جي قد کان ايتري وڌي هجي جو ٻنهي طرفن کان ٻڌي سگهجي ﴿2﴾ **ازار** (يعني گوڏ) مٿي کان وٺي پيرن تائين يعني چادر کان ايتري ننڍي جيڪا ٻڌڻ لاءِ وڌيڪ هجي. ﴿3﴾ **قميص** (يعني ڪفني) ڪنڌ کان گوڏن جي هيٺان تائين ۽ هي اڳيان ۽ پويان ٻنهي پاسن کان برابر هجي ان ۾ چاڪ (چير) ۽ ٻانهون نہ هجن، مردن جي ڪفني ڪلهن تي چيريو ۽ عورت جي لاءِ ڇاتي جي طرف کان ﴿4﴾ ڇاتي بند رکڻ وارو ڪپڙو ڇاتي کان ڏُن تائين ۽ بهتر هي آهي تہ ران تائين هجي.[1] (ملخص از بهار شريعت ج 1 ص 818)

## ميّت کي غسل ڏيڻ جو طريقو

اگربتيون يا لوبان (هڪ قسم جي خوشبو) ٻاري ٿي، پنج يا ست

مدينه

(1) عام طور تهيل ڪفن خريد ڪيو ويندو آهي ان جو ميت جي قد مطابق مسنون سائز هئڻ ضروري ناهي، اهو بہ ٿي سگهي تہ ايترو وڌيڪ هجي جيڪو اسراف ۾ داخل ٿي وڃي تنهن ڪري احتياط انهيءَ ۾ آهي تہ ٿانَ مان ضرورت مطابق ڪپڙو ڪٽيو وڃي.

پيرا غسل جي تختي کي واس ڏيو يعني ايترا پيرا تختي جي چوڌاري ڦيرايو. تختي تي ميّت کي اهڙي طرح ليٽايو جيئن قبر ۾ ليٽائيندا آهن، دن کان گوڏن تائين ڪپڙي سان ڍڪي ڇڏيو (اڄڪلهہ غسل جي دؤران اڇو ڪپڙو وجهندا آهن ان تي پاڻي لڳڻ جي ڪري ميّت جي اوگهڙ جي بي پردگي ٿيندي آهي تنهنڪري ناسي يا گهري رنگ جو ايترو ٿلهو ڪپڙو هجي جو پاڻي پوڻ سان اوگهڙ ظاهر نہ ٿئي ڪپڙي کي بيٽو ڪري وجهو تہ اڃا بهتر) هاڻي غسل ڏيارڻ وارو پنهنجي هٿ تي ڪپڙو ويڙهي پهريان ٻنهي طرفن کان طهارت ڪرائي (يعني پاڻي سان ڌوئي) پوءِ نماز وانگر وضو ڪرائي يعني ٽي پيرا چهرو پوءِ نوڙن سميت ٻئي ٻانهون ٽي ٽي پيرا ڌوئاريو پوءِ مٿي جو مسح ڪرايو، پوءِ ٽي پيرا ٻئي پير ڌوئاريو. ميّت جي وضو ۾ پهرين ڪارائيءَ تائين هٿ ڌوئڻ، ڪرڙي ڪرڻ ۽ نڪ ۾ پاڻي وجهڻ نہ آهي، البت ڪپڙي يا ڪپهہ جي ڦهي کي پسائي ڏندن مهارن، چپن ۽ ناسن تي ڦيرائي ڇڏيو، پوءِ مٿي يا ڏاڙهي جا وار هجن تہ ڌوئو، هاڻي کاٻي پاسي ليٽائي ٻير جي پنن ۾ جوش ڏنل پاڻي (جيڪو معمولي گرم هجي) ۽ اهو نہ هجي تہ خالص پاڻي ٿورڙو گرم هجي مٿي کان پيرن تائين وهايو جو تختي تائين پهچي وڃي، پوءِ ساڄي پاسي ليٽائي بہ ائين ڪيو، پوءِ ٽيڪ ڏئي ويهاريو ۽ نرمي سان پيٽ جي هيٺين حصي تي هٿ ڦيريو ۽ ڪجهہ نڪري تہ ڌوئي ڇڏيو، ٻيهر وضو ۽ غسل جي ضرورت ناهي پوءِ آخر ۾ مٿي کان پيرن تائين ڪافور جو پاڻي وهايو، پوءِ ڪنهن پاڪ ڪپڙي سان آهستي آهستي جسم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود شريف نہ پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

اگهو، هڪ ڀيرو سڄي بدن تي پاڻي وهائڻ فرض آهي ۽ ٽي ڀيرا سنّت آهي. (غسل ميّت ۾ تمام گهڻو پاڻي نہ وهايو آخرت ۾ ڦڙي ڦڙي جو حساب آهي، اهو ياد رکو)

## مرد کي ڪفن پارائڻ جو طريقو

ڪفن کي هڪ يا ٽي يا پنج يا ست ڀيرا واس ڏيو پوءِ اهڙي طرح وڇايو جو پهريان لفافو يعني وڏي چادر ان تي گوڏ ۽ ان جي مٿان ڪفني رکو، هاڻي ميّت کي ان تي ليٽايو ۽ ڪفني پارايو پوءِ ڏاڙهي (۽ ڏاڙهي نہ هجي تہ ڪاڏي تي) ۽ سڄي جسم تي خوشبو لڳايو، اهي عضوا جن تي سجدو ڪيو ويندو آهي يعني پيشاني، نڪ، هٿن، گوڏن ۽ پيرن تي ڪافور لڳايو پوءِ تهبند کابي پاسي کان بعد ۾ساڄي پاسي کان ويڙهيو، هاڻي آخر ۾ لفافو بہ اهڙي طرح پهريان کابي پاسي کان پوءِ ساڄي پاسي کان ويڙهيو تہ جيئن ساڄو مٿان رهي، پوءِ لفافي کي مٿي ۽ پيرن جي طرف کان ٻڌي ڇڏيو.

## عورت کي ڪفن پارائڻ جو طريقو

ڪفني پارائي ان جي وارن جا ٻہ حصا ڪري ڪفني جي مٿان ڇاتي تي رکي ڇڏيو ۽ پوتي کي اڌ پٺي جي هيٺان وڇائي مٿي تي آڻي منهن تي نقاب وانگر وجهي ڇڏيو تہ جيئن ڇاتي تي رهي، ان جي ڊيگهہ اڌ پٺ جي هيٺان تائين هجي، ۽ ويڪر هڪ ڪن جي پاپڙي کان وٺي ٻئي ڪن جي پاپڙي تائين هجي. ڪجهہ ماڻهو پوتي اهڙي طرح اوڍائيندا آهن جهڙي طرح عورتون زندگي ۾ مٿي تي رکنديون هيون اهو سنّت جي خلاف آهي، پوءِ دستور مطابق گوڏ ۽ لفافو يعني چادر ويڙهيو، پوءِ آخر ۾ ڇاتي بند ڪرڻ وارو ڪپڙو ڇاتي

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي، جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهي. (حاڪم)

جي مٿين حصي کان ران تائين ڪنهن ڏوري سان ٻڌي ڇڏيو.[1]

## جنازي نماز کان پوءِ تدفين[2]

﴿1﴾ جنازو قبر کان قبلي طرف رکڻ مستحب آهي تہ جيئن ميّت قبلي طرف کان قبر ۾ لاٿو وڃي قبر جي پيراندي کان رکي مٿي جي طرف کان نہ آڻيو. (بهار شريعت ج 1 ص 844) ﴿2﴾ ضرورت آهر ٻہ يا ٽي (بهتر آهي تہ طاقتور ۽ نيڪ) ماڻهو قبر ۾ لهن، عورت جي مَيّت کي مَحرم ويجها مائٽ لاهن اهي نہ هجن تہ ٻيا مائٽ اهي بہ نہ هجن تہ پرهيزگار لاهن. (عالمگيري ج 1 ص 166) ﴿3﴾ عورت جي مَيِّت کي لاهڻ کان وٺي تختا لڳائڻ تائين ڪنهن ڪپڙي سان لڪائي رکو ﴿4﴾ قبر ۾ لاهڻ وقت جي دعا پڙهو: بِسۡمِ اللهِ وَبِاللهِ وَعَلٰى مِلَّةِ رَسُوۡلِ الله (تنوير الابصار ج 3 ص 166) ﴿5﴾ مَيِّت کي ساڄي پاسي ليٽايو ۽ ان جو منهن قبلي ڏانهن ڪيو، ڪفن کي کولي ڇڏيو جو هاڻي ضرورت نہ رهي، نہ کوليو تہ بہ حرج ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 166، جوهره ص 140) ﴿6﴾ قبر کي ڪچين سرن[3] سان بند ڪيو جيڪڏهن زمين نرم هجي تہ ڪاٺ جا تختا لڳائڻ بہ جائز آهن. (بهار شريعت ج 1 ص 844) ﴿7﴾ هاڻي مٽي وڌي وڃي مستحب هي آهي تہ سيراندي کان ٻنهي هٿن سان ٽي ڀيرا مٽي وجهو. پهرين دفعو

مـــــــــــــــــــــــــــــــــدينـــه

(1) اڄڪلهہ عورتن جي ڪفن ۾ چادر ئي آخر ۾ رکي ويندي آهي جيڪڏهن ڪفني کان پوءِ ڇاتي تي رکڻ وارو ڪپڙو رکيو وڃي تہ بہ ڪو حرج ناهي پر افضل هي آهي تہ ڇاتي بند رکڻ وارو ڪپڙو سيني کان آخر ۾ رکيو وڃي.

(2) جنازو کڻڻ ۽ جنازي نماز جو طريقو سکڻ لاءِ ڪتاب "نماز جا احڪام" جو مطالعو ڪيو.

(3) قبر جي اندرئين حصي ۾ ٻاهہ جون پڪل سرون لڳائڻ منع آهن پر اڪثر اڄڪلهہ وڏن شهرن ۾ سيمنٽ جي پٽين ۽ سيمنٽ جي تختن جو رواج آهي تنهن ڪري سيمنٽ جي پٽين ۽ سيمنٽ جي تختن جو اهو حصو جيڪو اندر جي طرف رکڻو آهي ان کي ڪچي مٽي جي گاري سان ليپو ڏئي ڇڏيو الله عَزَّوَجَلَّ مسلمانن کي ٻاهہ جي اثر کان محفوظ رکي. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو. (طبراني)

چئو مِنۡهَا خَلَقۡنٰكُمۡ(1) ٻيون دفعو وَفِيۡهَا نُعِيۡدُكُمۡ(2) ٽئين دفعو وَمِنۡهَا نُخۡرِجُكُمۡ تَارَةً اُخۡرٰى(3) چئو هاڻي باقي مٽي بيلچي وغيره سان وجهي ڇڏيو. (جوهره ص 141) ﴿8﴾ جيتري مٽي قبر مان نڪتي آهي ان کان وڌيڪ وجهڻ مڪروهه آهي. (عالمگيري ج 1 ص 166) ﴿9﴾ قبر اُٺ جي ٿوهي وانگر لهواري ٺاهيو، چؤڪندي (يعني چئن ڪنڊن واري جيئن اڄڪلهه تدفين کان ڪجهه ڏينهن پوءِ اڪثر سرن وغيره سان ناهيندا آهن) نہ ٺاهيو. (ردالمحتار ج 3 ص 169) ﴿10﴾ قبر هڪ گرانٺ مٿي هجي يا ان کان معمولي وڌيڪ. (ايضًا ص 168) ﴿11﴾ دفن ڪرڻ کان پوءِ پاڻي ڇٽڪارڻ سنّت آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 373) ﴿12﴾ ان کان علاوه بعد ۾ ٻوٽي وغيره کي پاڻي ڏيڻ خاطر پاڻي هڻو تہ جائز آهي ﴿13﴾ اڄڪلهه جيڪو بنا سبب قبرن تي پاڻي هاريو ويندو آهي اهو اِسراف ۽ ناجائز آهي، فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 373 تي آهي: بنا ڪنهن ضرورت جي (قبر تي) پاڻي وجهڻ ضائع ڪرڻ آهي ۽ پاڻي ضايع ڪرڻ جائز ناهي ﴿14﴾ دفن کان پوءِ سيراندي کان الٓمّٓ کان مُفۡلِحُوۡن تائين ۽ پيراندي کان اٰمَنَ الرَّسُوۡلُ کان وٺي سورت جي آخر تائين پڙهڻ مُستَحب آهي. (جوهره ص 141، بهار شريعت ج 1 ص 846) ﴿15﴾ تلقين ڪيو (طريقو ص 6 جي حاشيي تي ڏسو) ﴿16﴾ قبر تي گل وجهڻ بهتر آهن جو جيستائين ساوا رهندا تيستائين تسبيح ڪندا ۽ ميّت جي دل وندرندي. (ردالمحتار ج 3 ص 184) ﴿17﴾ قبر جي سيراندي کان قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي اَذان ڏيو. (فتاويٰ رضويہ ج 5 ص 370)

مـــــــدينـــــه

(1) اسان زمين مان ئي توهان کي پيدا ڪيو. (2) ۽ انهيءَ ۾ ئي توهان کي موٽائينداسين.
(3) ۽ انهيءَ مان توهان کي ٻيهر ڪڍنداسين.

| بهار شريعت | فتاوي عالمگيري | تنوير الابصار | ابن عدي | سنن ابن ماجه | ماخذ ۽ |
|---|---|---|---|---|---|
| حدائق بخشش | فتاويٰ رضويه | ردالمحتار | جوهره | المعجم الكبير للطبراني | مراجع |

